# لُعابِ پاڪ

## جون برڪتون

**11-September-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



11 سيپٽمبر 2025ع (بمطابق: 17 ربيع الاول 1447ھ) تي سچي
پاڪستان ۾ دعوت اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# لُعابِ پاڪ جون برڪتون

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ…

- … بيمار ٻارڪي شِفا ملي وئي
- … مُعجِزو ڏسڻ جي آيوا اسان جو نبي
- … فصيح عَربي سيکاري ڇڏي
- … لُعابِ پاڪ حيادار بڻائي ڇڏيو

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**بنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختيار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:** جنهن مون تي **100** دفعا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي شخص نفاق ۽ جهنم جي باھ کان آزاد آهي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس شهيدن سان گڏ رکيو ويندو.(1)

حکمِ خُدا بھی دِل کی صَدا بھی درود ہے
روحانیت کی اَصل غِذا بھی درود ہے
ہاں ہاں اندھیری قبر کی ہے روشنی درود
محشر میں عافیت کی رِدا بھی درود ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(2)

1... مجمع الزوائد، جلد:10، صفحہ: 253، حديث:17298۔
2... بخاری، کتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيمار ٻار کي شِفا ملي وئي

حضرت اسامه بن زيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو آخري حج ادا ڪيو، ان حج جي سفر ۾ مان به پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئس. هلندي هلندي اسان **رَوحا** نالي هڪ جاءِ تي پهتاسين، اتي پهچي پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ عورت کي پنهنجي طرف ايندي ڏٺو ۽ فوراً پنهنجي سواري روڪي ڇڏيائون. اها عورت ويجهو آئي، کيس هڪ ٻار هنجَ ۾ هُيو، اچي عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي منهنجو پٽ آهي، خدا جو قسم! جنهن ڏينهن کان هي ڄائو آهي، ان ڏينهن کان بيمار آهي.

**ڪجهه روايتن ۾ آهي ته** اِهو ٻار چَرِيو هو (يعني کيس مِرگهيءَ جي بيماري هئي.[1]

حضرت اسامه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رحمت واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻار کي کنيو ۽ پنهنجي سواريءَ تي پنهنجي سامهون ويهاري پنهنجو لُعَاب مبارڪ (يعني ٿُڪ شريف) ٻار جي وات ۾ وڌائون ۽ فرمايائون: اُخْرُجْ يَا عَدُوَّ اللّٰهِ فَاِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ يعني اي الله پاڪ جا دشمن ...!! نِڪُر! بيشڪ مان الله جو رسول آهيان.

---

1... شرح سنن ابن ماجه للهرری، کتاب الطب، باب النشرة، جز:20، صفحه:441، زیر حدیث:3476۔

www.dawateislami.net

هي مبارڪ عمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻار عورت کي واپس ڏنو ۽ فرمايائون: هن کي ڪڻ ...!! هاڻي ڪيس ڪو بہ خطرو نہ آهي.

حضرت اسامہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: حج کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن اسان واپس پئي آياسين تہ انهيءَ ئي جاءِ تي اها ساڳي عورت بيٺي هئي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻيهر سواري کي روڪي، پڇيو: تنهنجي ٻار جو ڪهڙو حال آهي؟ عرض ڪيائين: يارسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! خدا جو قسم! اهو ڏينهن آهي ۽ اڄ جو ڏينهن آهي، ٻار بلڪل تندرست ۽ صحيح سلامت آهي.[1]

ہوتی ہے شِفا دَم میں، دَم آتا ہے بےدَم میں
مَحْبوبِ خُدا کا ہے کیا خُوب شفا خانہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو تہ هن روايت تي مختلف پاسن کان ٿورو غور ڪريون:

## روايت مان ملڻ وارو سبق

سڀ کان پهريان هيءَ ڳالهہ عرض ڪريان تہ اسان وٽ هڪ تصور آهي تہ نبين ۽ رسولن جو ڪم صرف ۽ صرف اللّٰه پاڪ جو پيغام پهچائڻ آهي.

اها ڳالهہ بلڪل درست آهي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام ماڻهن جي هدايت لاءِ ئي تشريف فرما ٿيندا آهن، پر ائين چوڻ تہ سندن ڪم صرف اهو ئي آهي، درست نہ آهي. ڏسو! هڪ ٻار بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جنهن کي آسيب (يعني اثرات) يا مرگهيءَ جو مسئلو آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي وات ۾ پنهنجو لُعَابِ پاڪ وجهي فرمائي رهيا آهن:

اُخْرُجْ عَدُوَّ اللّٰهِ فَاِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰه اي اللّٰه جا دشمن! نِڪُر ...!! بيشڪ مان اللّٰه پاڪ جو رسول آهيان.

---

1... دلائل النبوة للبيهقى، باب ذكر المعجزات الثلاث....الخ، جلد:6، صفحہ:25۔

ڏسو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان آسيب کي ڪيڏڻ جي لاءِ پنهنجي رسالت جو حوالو ڏنو ۽ اهو حوالو ٻڌي اهو آسيب نڪري ٻه ويو. معلوم ٿيو ته رسالت جو جيڪو منصب آهي اُهو اختيارن جو ئي منصب آهي. رسولن جو اِهو شان هوندو آهي، ته هُو جيئن فرمائيندا آهن تيئن ٿي ويندو آهي، هيڏانهن سندن زبان مان لفظ نڪرندا آهن هوڏانهن تقدير بدلجي ويندي آهي.

بہشت و خُلد ہیں کیا بلکہ کُل خزانوں کا | خُدا کے گھر سے ہیں وہ اِختیار پائے ہوئے[1]

اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکيو آهي:

مجبُور ہیں ہم تو فکر کیا ہے | تم کو تو ہے اِختیار آقا[2]

## نبين کي اختيار ڏنو ويندو آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلام جي شان ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اُولِی الْاَیْدِیْ وَ الْاَبْصَارِ ﴿۴۵﴾ (پارو:23، سورة ص، 45) | ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪي قدرت وارا ۽ علم وارا هئا. |

**تفسير نور العرفان ۾ آهي:** معلوم ٿيو ته الله پاڪ پنهنجن مقبول ٻانهن کي قدرت ٻه عطا فرمائيندو آهي ۽ علم ٻه بخشيندو آهي، جنهن سان اُهي عالَم (يعني دنيا) جي خبر ٻه رکندا آهن ۽ ان ۾ تصرف ٻه ڪندا آهن.[3]

کیوں نہ ہو تم مالکِ مُلکِ خُدا، مُلکِ خُدا
سب تمہارا ہے خُدا ہی جب تمہارا ہو گیا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1… قبالۂ بخشش، صفحه:328۔
2… حدائقِ بخشش، صفحه:34۔
3… تفسير نُور العرفان، پاره:23، سورهٔ ص، زيرِ آيت:45، صفحه:728 بتغيرِ قليل

## نعمتون وِرهائيندو جنهن طرف اُهو ذِيشان هليو

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي هن روايت تي هڪ ٻئي رُخَ کان به ٿورو غور فرمايو! سمجهاڻ جي لاءِ صرف هڪ مثال عرض ڪري رهيو آهيان: ڪوئي ڪيترو به ماهر ڊاڪٽر ڇو نه هجي، توهان گهٽيءَ مان گذرڻ دوران ڪيس روڪيو ۽ کو سنگين مريض سندس سامهون پيش ڪريو، چئوس: ڊاڪٽر صاحب! ويندي ويندي هن مريض کي ڏسندا وڃو!

جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب اوهان جو عزيز يا دوست آهي تڏهن به وڌ ۾ وڌ معمولي معائنو ڪندو ۽ چوندو: مان مرض سمجهي ويو آهيان، مريض کي ڪلينڪ تي وٺي اچجو، توهان جو مريض ٺيڪ ٿي ويندو، پر اُتي بيٺي بيٺي مريض جو پورو علاج ٿي وڃي، ائين ڪوئي به ڊاڪٽر نه ڪري سگهندو، پر قربان وڃان! هي ٻنهي جهانن جا طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن، سفر ۾ آهن، رستي تي وڃي رهيا آهن، رستي ۾ مريض اچي ويو، ڪٿي وڃڻ جي ضرورت نه پئي، ڪٿي ويهڻ جي ضرورت نه پئي، بس جتي هئا، اُتي ئي بيٺي بيٺي پنهنجو لُعَاب مبارڪ مريض جي وات ۾ وڌائون ۽ سالن جي مريض کي هڪ گهڙِيءَ ۾ شفاياب ڪري ڇڏيائون.

سُبْحٰنَ الله! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيتري نه پياري ڳالهه چئي آهي، لکن ٿا:

نعمتیں بانٹتا جس سَمت وہ ذِیشان گیا | ساتھ ہی مُنْشِیِٔ رحمت کا قلم دان گیا[1]

**وضاحت:** اُهي صاحبِ قدر و منزلت نبيءِ رحمت، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رب ڪريم جون نعمتون ورهائڻ لاءِ جيڏانهن به تشريف کڻي ويا، سندن رحم ۽ ڪرم کي لکڻ وارو به، پنهنجو قلمدان کڻي ساڻن گڏ اوڏانهن روانو ٿيو.

## معجزو ٻڌجي آيو اسان جو نبي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ ٽئين نمبر تي لُعَابِ پاڪ يعني ٿُڪ شريف جو به ڪمال ڏسو! جو مريض آهي، ڪيترن ئي سالن کان بيمار آهي، پياري

[1]... حدائق بخشش، صفحہ:55۔

آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعَابِ پاڪ ان جي وات ۾ وڌو ۽ ڪيس شفاياب ڪري ڇڏيائون. سُبْحٰنَ الله!

جو چاہیں گے جسے چاہیں گے یہ اسے دیں گے | کریم ہیں یہ خزانے لٹانے آئے ہیں

اَلحمدُلِلّٰه! اسان جو نبي، پيارو نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي شان وارو آهي جو الله پاڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ننهن کان چوٽيءَ تائين سراپا معجزو بڻايو آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو آهي:

قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ
(پارو: 6، سورة النساء: 174)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان واضح دليل آيو

حڪيم الأُمت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

۞ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام جا معجزا الله پاڪ جي ذات ۽ صفات جا دليل هوندا آهن ۞ اڳين انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام کي الله پاڪ مختلف معجزا عطا فرمايا ۞ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جو هٿ مبارڪ معجزو هو ۞ حضرت دائود عَلَيْهِ السَّلام جو آواز مبارڪ معجزو هو ۞ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلام جو حُسن مبارڪ معجزو هو ۞ اهڙي طرح اڳين نبين مان ڪنهن کي هڪ معجزو عطا ٿيو، ڪنهن کي ٻه معجزا عطا ٿيا، انهن سڀني انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام کان پوءِ الله پاڪ پنهنجي آخري نبي، رسولِ هاشمي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مٿي کان وٺي پيرن تائين معجزو بڻائي موڪليو.[1] ۽ فرمايو: اي انسانو! توهان وٽِ توهان جي رب جي طرفان نهايت پختو ۽ مضبوط دليل اچي ويو.

دیئے معجزے اَنبیا کو خُدا نے | مُعْجِزہ بن کے آیا ہمارا نبی

## لُعابِ پاڪ جون برڪتون

اَلحمدُلِلّٰه! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لُعَابِ پاڪ (يعني ٿُڪ مبارڪ) به معجزو آهي ۽ اِها صرف هڪ معجزو نه آهي، بلڪ سَوين معجزن جو مجموعو آهي.

[1]...تفسير نعيمی، پاره:6، سورهٔ نسا، تحت الآية:174، جلد:6، صفحه:147ملتقطاً۔

ميڊيڪل سائنس جي لحاظ کان جيڪڏهن هن جي باري ۾ ڳالهه ڪجي تہ خبر پوندي تہ! اسان جي وات ۾ جيڪا ٿُڪ نهندي آهي، اُها اصل ۾ اسان جي وات ۾ جيڪي ٽن قسمن جا غدود هوندا آهن ۞ ڪَنَ جي هينان ۞ ڄاڙي جي هينان ۞ ۽ زبان جي هينان. هنن غدودن جو ڪم اهو هوندو آهي تہ هُو رت مان پاڻي، نمڪيات، پروٽين ۽ انزائمز ڪٽي انهن مان ٿُڪ ناهيندا آهن. اسان جي... يعني منهنجي، اوهان جي ۽ دنيا جي سڀني انسانن جي وات ۾ جيڪا ٿُڪ هوندي آهي، ان جي ذريعي کاڌو هضم ٿيندو آهي، کاڌو ڳيهَڻَ ۾ آساني ٿيندي آهي، وات صاف رهندو آهي، ڳالهائڻ ۾ آساني ٿيندي آهي، ڏندن جي حفاظت ٿيندي آهي. يعني اسان جي لُعاب جا **5، 10، 15** فائدا هوندا آهن. پر قربان وڃان! ٻنهي جهانن جي تاجدار، رسولِ مالڪ ۽ مختيار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو شان ئي نرالو آهي:

گلبنِ باغِ نُور کی اَور ہی کچھ اُٹھان ہے

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وات مبارڪ ۾ جيڪو لُعَاب شريف آهي، اهو صرف کاڌو هضم نہ ڪندو آهي، صرف ڳالهائڻ ۾ آساني پيدا نہ ڪندو آهي، بلڪ هي لُعَاب شريف جڏهن زخم تي لڳندو آهي تہ دنيا جو بهترين مرهم بڻجي ويندو آهي ۞ اکين کي لڳي تہ اکين جو نور بڻجي ويندو آهي، کاڌي ۾ پئي تہ کاڌي ۾ برڪت وجهي ڇڏيندو آهي ۞سخت کاري کُوهہ ۾ پئي تہ ان کي منو ڪري ڇڏيندو آهي ۞ڪنهن جي وات ۾ پئي تہ طاقت، عزت، بهادري، علم ۽ نور جو خزانو بڻجي ويندو آهي.

جس کے پانی سے شاداب جان وجناں
اس دَہن کی طَراوَت پہ لاکھوں سلام
جس سے کھاری کنویں شیرۂ جاں بنے
اس زُلالِ حَلاوت پہ لاکھوں سلام

**وضاحت:** مالڪ ۽ مختيار آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دَهَن مبارڪ مان نڪرڻ واري لُعاب مبارڪ سان جنتون سرسبز ۽ شاداب آهن، ان دَهَن مبارڪ جي آلاڻ تي لکين سلام هجن، محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لُعاب مبارڪ سخت کاري کُوهَن کي منو ڪري ڇڏيندو آهي، روح ۽ جان کي تازگي عطا فرمائيندو آهي، ان مناڻ جي چشمي تي لکين سلام هجن.

## زهر جو اَثَر ختم ٿي ويو

غارِ ثور جو واقعو تہ اوهان ٻڌو ئي هوندو. اللّٰه! اللّٰه! مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ غار ۾ هڪ سوراخ تي پنهنجي کُڙي رکي وينا آهن، پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو مٿو مبارڪ سندن هَنجَ ۾ رکي آرام فرما آهن. هوڏانهن نانگ کين ڏنگ هڻي ٿو. حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ اَدبِ رسول جي ڪري، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آرام جو خيال ڪندي صبر ڪن ٿا، پر تڪليف شديد هئي، ڪمالِ ضبط جي باوجود اکين مان ڳوڙها وَهِي پيا. عاشقِ اڪبر جي عشق سان ڀرپور ڳوڙهن عشقِ رسول ۾ ڪُڏَندي رخسارِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي چُمي ورتو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اک مبارڪ کولي، فرمايائون: صديق! ڇا ٿيو آهي؟ عرض ڪيو ويو: لُدِغْتُ فِدَاكَ اَبِيْ وَ اُمِّيْ يَارَسُوْلَ اللّٰهِ! يا رسولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، مون کي نانگ ڏنگ هنيو آهي. (1)

اللّٰه! اللّٰه! هاڻي لُعابِ مصطفيٰ جو ڪمال ڏسو! ميڊيڪل سائنس جي نقطءِ نظر کان نانگ جي زهر جو علاج ڪنهن هڪ شيءِ سان نہ ٿيندو آهي پر ان جي لاءِ مختلف ڪيميائي اجزا ملائي اينٽي وينم (Antivenom) يعني مرڪب دوا تيار ڪئي ويندي آهي، نانگ جي زهر جو اثر ان سان ختم ٿيندو آهي. پر قربان وڃو! هي لُعابِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي، ان ۾ هر قسم جي شِفا

---

[1]... مشكاة المصابيح،كتاب المناقب والفضائل، الفصل الثالث،جز:4، صفحه:417، حديث:6034 ملخصاً۔

آهي. جيئن ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعَابِ پاڪ حضرت ابوبڪر صديق رَضِىَ اللهُ عَنۡهُ کي پياريو نه، بلڪ سندن ڪُڙِي مبارڪ تي جسم جي ٻاهرين پاسي لڳايو. بس لُعاب شريف لڳڻ جي دير هئي، زهر جو اثر فوراً ختم ٿي ويو. (1)

هوتی ہے شِفا دَم میں، دَم آتا ہے بےدَم میں
مَحْبوبِ خُدا کا ہے کیا خُوب شفا خانہ

## اک جو تارو بيهر لڳائي چڙيائون

پيارا اسلامي ڀائرو! لُعابِ پاڪ جي برڪتن سان گڏوگڏ اسان ڪجهه الله پاڪ جي قدرتن ۽ عنايتن جو ذڪر به ٻڌندا هلون:

اسان جي هيءَ جيڪا اک آهي، اک جو هي جيڪو گول گول ڏيلو (تارو) آهي، ٿورو غور ڪريو! ڪيتري نه ڪمال جي ڳالهه آهي، ان ۾ ڪو به ڪوڪو لڳل نه آهي، ڪو به پيچ ناهي، پر اسان ٽپندا ڪڏندا آهيون، ڪنڌ هيٺ ڪندا آهيون، مٿي ڪٽندا آهيون، وڏين وڏين عمارتن تان ماٺهو هيٺ ڪري پوندا آهن، ان جي باوجود به هي ڏيلو ڪِرَڻ ته ڇا پر، پنهنجي جاءِ تان سرڪَندو به نه آهي. ڪيڏي نه ڪمال جي ڳالهه آهي!

اک جو تارو ڪيئن رڪيل رهندو آهي؟ ڪجهه شيون آهن: هڪ ته هڏي جو ڪول آهي، پوءِ ان سان گڏ اعصاب هوندا آهن، ان سان گڏ ڪولاجن(*Collagen*)، ايلاسٽن(*Elastin*)، هائيلورونڪ ايسڊ (*Hyaluronic acid*) وغيره ڪيترائي ڪيميڪل هوندا آهن، جن جي ذريعي اک جو تارو يا ڏيلو پنهنجي جاءِ تي رُڪيل رهندو آهي. جيڪڏهن خدا نه ڪري ڪنهن جي اک جو اهو ڏيلو ٻاهر نڪري اچي ته اڄ جي ميڊيڪل سائنس ۾ ان جو علاج هي آهي ته ڊاڪٽر سڀ پهريان دوا ڪارائيندا آهن ته جيئن پٺا (*Muscles*) ريليڪس (*Relax*) ٿين، پوءِ اک جي مٿان دوا لڳائي ويندي آهي ته جيئن اک جا ٽشو نيڪ رهن ۽ انهن

1... مشكاة المصابيح،كتاب المناقب والفضائل، الفصل الثالث،جز:4، صفحہ:417، حديث:6034 ملخصاً۔

ڪي ڪا رَهَندَ وغيره نہ اچي، پوءِ تاري کي اندر رکيو ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن انتهائي حساس قسم جو آپريشن بہ ڪرڻو پوندو آهي. هي اڄ جي ترقي يافتہ دور جو علاج آهي.

هاڻي روايت پڙهو! غزوهءِ بدر جو موقعو هو، حضرت رافع بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، تير يا تلوار لڳڻ سبب سندن اک زخمي ٿي پئي ۽ تارو ٻاهر نڪري آيو ۽ سندن ڳلَ تي لڙڪڻ لڳو. اللہ اڪبر!

بگڑی باتوں کی فِکر کر نہ حَسَنؔ | کام سب ہے بنا ہوا تیرا[1]

حضرت رافع بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اها ئي نڪتل اک کڻي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا. ٻنهي جهانن جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعَابِ دَهَن انهن جي اک تي لڳايو ۽ اک جو تارو واپس پنهنجي جاءِ تي رکي ڇڏيائون. حضرت رافع بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جيڪا اک محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جوڙي هئي، ان جي نظر اڳي کان بہ وَڌِي وئي.[2]

## شفا بخش لُعاب

پيارا اسلامي ڀائرو! لُعَابِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر مرض جي شفا آهي، ان بابت ٻيون بہ ڪيتريون ئي روايتون آهن، مثلاً: ۞ خيبر جي ڏينهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سُورَ وارين اکين تي لُعابِ پاڪ لڳايو، جنهن جي برڪت سان کين آرام اچي ويو[3] ۞ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو هٿ سڙي پيو، پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لُعاب شريف لڳايو، سڙيل هٿ نيڪ ٿي ويو[4] ۞ حضرت فُويڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي نظر ختم ٿي وئي هئي، لُعابِ مصطفيٰ جي برڪت سان اکيون ٻيهر ڏسڻ لڳيون[5] ۞ حضرت بشير بن عقربہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي زبان ۾ هَبَڪَ هئي، هَبڪِي هَبڪِي ڳالهائيندا هئا، لُعابِ

1... ذوقِ نعت، صفحہ:73۔
2... مستدرک، کتاب معرفۃ الصحابہ، ذکر مناقب رافع بن مالک، جلد:4، صفحہ:251، حدیث:5074ملخصاً۔
3... مسلم،کتاب فضائل الصحابہ،باب من فضائل علی...الخ، صفحہ:940، حدیث:2404۔
4... مسند امام احمد، جلد:6، صفحہ:361، حدیث:15851۔
5... مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الطب، باب من رخص فی النفث فی الرقی، جلد:5، صفحہ:441، حدیث:2۔

مصطفيٰ جي برڪت سان سندن زبان جي هَبَڪَ ختم ٿي وئي.[1] ۞ هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيمار هئا، بس دم نڪرڻ تي هو، ڪين شفا ملي ئي نہ رهي هئي، انهن ڪنهن شخص کي بارگاهِ رسالت ۾ موڪليو، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿوري مٽي ڪٽي، ان ۾ لُعابِ پاڪ ملائي ان شخص کي عطا فرمايو.

جيڪي قاصد هئا، انهن اها لُعاب مليل مٽي ڪنئي ۽ هليا ويا. ظاهري طور تي ڪجھ حيران هئا تہ مان تہ دم نڪرڻ واري مريض جي لاءِ دعا ۽ دوا وٺڻ آيو هئس، محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ چَپٽي مٽي عطا فرمائي آهي. بهرحال! هي قاصد واپس پهتا، اها لُعاب مليل مٽي جئين ئي پاڻيءَ ۾ وِجهي حضرت عامر بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي پياري وئي، ڪين شفا ملي وئي.[2]

## حافظو عطا ٿي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! ان لعابِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪتن جو ڇا چئجي!! هي اهو پاڪ لعاب (ٿُڪ) آهي، جنهن سان نہ صرف جسماني بيماريون دور ٿينديون آهن، پر ان جي سبب الله پاڪ روحاني بيماريون بہ دور فرمائيندو آهي.

حضرت عثمان بن ابو عاص رَضِیَ اللہُ عَنْہُ صحابي رسول آهن. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو حافظو ڪجھ ڪمزور هو، جنهن سبب قرآن ڪريم ياد ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي.

هڪ ڀيري پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي قرآن ڪريم ياد ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان پر ڪري نٿو سگهان. پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اُدْنُ مِنِّی یَاعُثْمَانُ! يعني اي عثمان! منهنجي ويجهو اچ!

حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مان پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو ٿي ويس، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي وات ۾ پنهنجو لعابِ دهن (ٿُڪ

---

1... مصنف ابنِ ابی شیبہ، کتاب الطب، باب من رخص فی النفث فی الرقی، جلد:5، صفحہ:441، حدیث:2۔

2... سبل الہدٰی، جماع الابواب معجزاتہ فی احیاء الموتی...الخ، الباب الرابع...الخ، جلد:10، صفحہ:21 ۔

مبارڪ) وڏو ۽ منهنجي سيني تي هٿ رکيو، جنهن جي ٿڌاڻ مون پنهنجي ڪلهن جي وچ ۾ محسوس ڪئي، ان ڪان پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي شيطان! عثمان جي سيني مان نڪري وڃ.

حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ان ڪان پوءِ منهنجي حافظي جو هي عالم هو جو "فَمَا سَمِعْتُ شَيْئًا بَعْدَ ذَلِكَ إِلَّا حَفِظْتُهُ" يعني مان جيڪا به شيءِ ٻڌندو هيس، اها مون کي ياد ٿي ويندي هئي.[1] اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان فرمائن ٿا:

تم ہو شِفائے مَرض، خَلقِ خدا خود غَرض | خَلق کی حاجت بھی کیا تم پہ کروڑوں درود[2]

**وضاحت** : يعني يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ اوهان کي اها شان عطا ڪئي آهي جو اوهان مريضن کي شفاء نصيب ڪندا آهيو، تنهنڪري اسان کي مخلوق جي حاجت ناهي، اسان جي درد جي دوا ۽ مرض جي شفاء اوهان پاڻ ئي فرمايو. اوهان تي ڪروڙين درود ۽ سلام هجن.

## فصيح عربي سيکاري ڇڏيائون

پيارا اسلامي ڀائرو! هن لُعابِ مصطفيٰ جون برڪتون صرف ظاهري مرضن جي شفا تائين محدود نہ آهن. هي اهو لُعابِ پاڪ آهي جيڪو صلاحيتن ۾ نکار پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ فارس جا رهاڪو هئا، تنهن ڪري فارسي ڳالهائيندا هئا. جڏهن پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري مديني پاڪ تشريف ڪٺي آيا تہ حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حاضر ٿيا، انهن فارسيءَ ۾ ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف ڪئي.

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جيتوڻيڪ سڀئي زبانون اينديون هيون، پر ظاهري طور جيئن تہ پاڻ عربي آهن، تنهنڪري ظاهر تي ئي رهندي هڪ شخص کي گهرايائون، اهو شخص غير مسلم هو، ڪيس فارسي بہ ايندي هئي.

1... دلائل النبوة، الفصل الرابع و العشرون...الخ، صفحہ:277، رقم:396بتصرف۔
2... حدائق بخشش، صفحہ:267۔

فرمايائون: سلمان جي ترجماني ڪر! پوءِ هن حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو ڪلام ٻڌو، هو نہ تعريف ڪري رهيا هئا، پر هي ٻڌڻ ۽ ترجماني ڪرڻ وارو جيئن نہ غير مسلم هو، تنهنڪري ان جو ڪلام ٻڌي چوڻ لڳو: حضور! هي نہ اوهان جي بُرائي ڪري رهيو آهي. آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مان چاهيان ٿو، هي منهنجي بُرائي نہ پر تعريف ڪري رهيو آهي. اهو ٻڌي ان غير مسلم چيو: هن وقت کان اڳ تائين مان اوهان جي بُرائي ڪندو هئس، پر هاڻي مون کي يقين ٿي ويو آهي نہ اوهان سچا رسول آهيو. اهو چئي هن ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو.

هاڻي پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڏانهن متوجہ ٿيا، فرمايائون: سلمان! وات کول ...!! انهن وات کوليو، آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعَابِ پاڪ سندن وات ۾ وڌو. بس لُعَابِ مصطفيٰ وات ۾ وڃڻ جي دير هئي، حضرت سلمان فارسي جيڪي فارس جا رهاڪو هئا، فوراً فصيح عربي ڳالهائڻ لڳا. (انسان العيون)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ ڪمال جي ڳالهہ آهي ...!! اڄ جيڪڏهن اسان ڪي عربي سکڻي هجي نہ ان جي لاءِ ٻن سالن جو ڪورس ڪرڻو پوندو آهي، پوءِ عربي ڳالهائڻ ايندي آهي، پر فصيح عربي ڳالهائڻ نہ ايندي آهي. لُعابِ مصطفيٰ جو ڪمال ڏسو! ٻن سالن جي ڪورس ڪرڻ جي ضرورت نہ پئي، صرف ٻن سيڪنڊن جي ڳالهہ آهي، هيڏانهن لُعَابِ مصطفيٰ نڙيءَ مان هيٺ لٿو، هوڏانهن عربي ڳالهائڻ اچي وئي.

## هي پاڻي پيارڻ وارو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان زمين تي رهون ٿا ۽ اوهان کي خبر آهي نہ زمين مان هر جاءِ تان پاڻي نہ نڪرندو آهي، ڪجهہ علائقن ۾ **50**، **60** فٽن تي بورنگ ڪريو نہ پاڻي نڪري ايندو آهي، پر ڪجهہ هنڌن تي **200** فٽن تائين بہ نہ نڪرندو آهي، علائقن ۽ جڳهن جو فرق هوندو آهي.

لُعابِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪمال مان اوهان کي ٻڌايان...!! هڪ صحابي آهن: حضرت عبدالله بن عامر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ننڍپڻ ۾ ڪيس بارگاهِ رسالت ۾ حاضر پيش ڪيو ويو، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن تي لُعابِ پاڪ وڌو. هي صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو عشقِ رسول هو جو انهن اهو لُعابِ پاڪ چوسي پي ڇڏيو. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّہٗ لَمُسَقًّی يعني بيشڪ هي پاڻي پيئارڻ وارو آهي.

بس محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لُعابِ پاڪ ۽ ان فرمانِ ذيشان جي برڪت هئي تہ ان کان پوءِ سندن حالت اها ٿي وئي جو هُو جتي بہ زمين کوٽيندا هئا، اُتان پاڻي نڪري ايندو هو. (1)

اللہ! اللہ! شہِ کونین جلالت تیری | فرش کیا، عرش پہ جاری ہے حکومت تیری
تُو ہی ہے مُلکِ خُدا، مِلکِ خُدا کا مالِک | راج تیرا ہے زمانہ میں حکومت تیری (2)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## لُعابِ پاڪ حيادار بڻائي ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني شريف ۾ هڪ عورت رهندي هئي، جنهن کي ڪو نفسياتي مسئلو هو، اها بيهوده ڳالهيون ڪندي هئي. هڪ ڀيري سندس قسمت جو ستارو چمڪيو، هُوءَ پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پرسان گذري، ان وقت پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪاڏو تناول فرمائي رهيا هئا. هن عرض ڪيو: حضور! مون کي بہ کارايو! پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيس هڪ گِرَهُ ڏنو. چوڻ لڳي: هي نہ، بلڪ جيڪو اوهان جي وات مبارڪ ۾ آهي، اهو ڏيو! پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وات مبارڪ مان گِرَهُ ڪڍي ڪيس عطا فرمايو. **روايت ۾ لکيل آهي تہ:** بس! لُعابِ مصطفيٰ سان آلو ٿيل هي لقمو کائڻ جي دير هئي، ان عورت تي شرم ۽ حيا جو اهڙو تہ غلبو ٿيو جو سڄي زندگي سندس

---

1... تاريخ دمشق، جلد:29، صفحہ:253۔

2... ذوقِ نعت، صفحہ:247۔

زبان مان ڪڍهن بہ ڪو بيهوده لفظ نہ نڪتو. هڪ لقمي سندس زندگي بدلائي ڇڏي. [1]

## مديني جو سڀ کان مٺو کُوهہ

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان جي گهر ۾ هڪ کوهہ هوندو هو، ان جو پاڻي تمام گهڻو کارو هو. هڪ ڏينهن محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعابِ پاڪ ان کوهہ ۾ وڌائون. فرمائن ٿا: بس مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو لعاب کوهہ ۾ پوَڻ جي دير هئي، ان ڏينهن کان پوءِ مديني ۾ سڀ کان مٺو پاڻي اسان جي ئي کوهہ مان ملندو هو. [2]

جس کے پانی سے شاداب جان وجِناں | اُس دَہَن کی طَرَاوَت پہ لاکھوں سلام
جس سے کھاری کنویں شیرۂ جاں بنے | اُس زُلالِ حَلاوت پہ لاکھوں سلام [3]

## لُعابِ پاڪ جون مختصر برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! لُعابِ مصطفيٰ جي برڪتن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، سچ تہ هي آهي تہ:

زندگیاں ختم ہوئیں اور قلم ٹوٹ گئے
تیرے اَوصاف کا اِک باب بھی پُورا نہ ہوا

صرف هڪ لُعَابِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون برڪتون بيان ڪرڻ جي لاءِ تمام گهڻو وقت گهرجي. جڏهن صرف لُعَابِ پاڪ جو اهو شان آهي تہ سوچيو! سڄي جسمِ پاڪ جي برڪتن جو ڇا حال هوندو.

بهرحال! مان مختلف روايتن جو مختصر خلاصو عرض ڪريان ٿو: ۞ قبا شريف جي ويجهو هڪ کوهہ هو، جنهنجو پاڻي روزانو ختم ٿي ويندو هو،

---

1... سبل الہدیٰ، جماع الابواب معجزاتہ فی احیاء الموتی...الخ، الباب التاسع...الخ، جلد:10، صفحہ:26 بتصرف۔
2... الخصائص الکبریٰ، باب الآیات فی فمہ...الخ، صفحہ:105۔
3... حدائقِ بخشش، صفحہ:302۔

هڪ ڏينهن پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان ۾ پنهنجو لُعابِ پاڪ وڌو، جنهن جي برڪت سان ان جو پاڻي ايترو ته وڌي ويو جو ماڻهو پاڻ پيئندا هئا، پنهنجن جانورن کي پياريندا هئا، پنهنجون ٻنيون سيراب ڪندا هئا پر پاڻي ختم نه ٿيندو هو[1] ۞ حضرت حارثه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ غزوهء بدر ۾ شهيد ٿي ويا هئا، سندن گهر وارا غمگين هئا، ظاهر آهي جدائي جو غم هو. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻي ۾ لُعابِ پاڪ شامل ڪري ڪين عطا فرمايو، انهن پيتو ته سندن حالت اها ٿي وئي جو پُوري مديني ۾ انهن کان وڌيڪ خوشحال ۽ پرسڪون گهر ڪو به نه هو.[2]

۞ هڪ کوهه هو: بِئْرِبَضَاعَه. صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم فرمائن ٿا: هڪ دفعو محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کوهه تي تشريف فرما ٿيا هئا، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان ۾ ڪُرڙِي فرمايائون، جنهنجي برڪت اها ٿي جو ان جو پاڻي هر مرض جي لاءِ شفا بڻجي ويو. صحابه ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضْوَان جو معمول هو ته جڏهن به ڪوئي بيمار ٿيندو هو ته ڪيس بِئْرِبَضَاعَه تي وٺي ايندا هئا، ان جي پاڻيءَ سان مريض کي غسل ڏيندا هئا، ان جي برڪت سان مريض شفا ملي ويندي هئي.[3]

## علم عطا فرمائي ڇڏيو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ته لُعابِ پاڪ جون اهي برڪتون هيون جيڪي محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي ظاهري زندگي ۾ لُعاب مبارڪ عطا فرمايو ۽ برڪتون ظاهر ٿيون. هاڻي هڪ روايت وصال ظاهري کان سوين سال بعد جي به ٻڌو!

اوهان کي خبر آهي ته خواب جون ڳالهيون خواب ئي هونديون آهن، مثال طور خواب ۾ اسان کي هڪ ڪروڙ رپيا ملي وڃن پر جڏهن اسان جي اک

---

1...دلائل النبوة للبيهقى، باب ما ظهر فى البئر...الخ، جلد:6، صفحه:136۔
2... المغازى للواقدى، بدر القتال ، جز:1، صفحه:94۔
3... الطبقات الكبرىٰ، جلد:1، صفحه:392۔

ڪُلندي تہ هڪ ڪروڙ رپيا اسان وٽ هوندو؟ نہ هوندو. پر قربان وڃان! اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان هتي بہ نرالو آهي، پاڻ جڏهن خواب ۾ تشريف فرما ٿيندا آهن تہ حقيقت ۾ تشريف فرما ٿيندا آهن، ان خواب جا اثر اک کُلڻ کان پوءِ ختم نہ ٿي ويندا آهن بلڪ جاڳڻ کان پوءِ بہ باقي رهندا آهن.

علامه سعد الدين تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڏا عالمِ دين ٿي گذريا آهن، درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ۾ انهن جا لکيل ڪيترائي ڪتاب پڙهايا ويندا آهن. علامه تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قاضي شيرازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ پڙهندا هئا ۽ ڪلاس ۾ سيني کان وڌيڪ ڪُند ذهن (يعني ڪمزور ذهن وارا) سمجهيا ويندا هئا. سندن ڪلاس فيلوز (*Class Fallows*)ڪمزور يادداشت جي ڪري انهن جي مذاق اڏائيندا هئا. ان جي باوجود بہ پاڻ همٿ نہ هاريائون ۽ محنت ڪندا رهيا، وڏي محنت ۽ ڪوشش سان سبق ياد ڪندا هئا، پر ڪائنڻ وسري ويندو هو، پر هو بار بار ياد ڪندا هئا، اهڙي طرح پاڻ سخت محنت جاري رکيائون. هڪ دفعي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سبق ياد ڪرڻ ۾ مصروف هئا تہ هڪ اجنبي شخص آيو ۽ چيائين: مسعود! اُٿو تہ سير ڪرڻ هلون. علامہ تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جواب ۾ چيو: مون کي سير ۽ تفريح لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي، هُونئن بہ ايترو وقت پڙهڻ جي باوجود مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو آهي تہ پوءِ مان سير ۽ تفريح ۾ وقت ڪيئن برباد ڪريان؟ اِهو جواب ٻڌي اُهو اجنبي شخص هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ ٻيهر اهو ئي شخص آيو، هن ٻيهر ڪين سير ۽ تفريح جي دعوت ڏني، پاڻ وري بہ ڪيس ساڳيو ئي جواب ڏنائون. ٿوري دير کان پوءِ ٽيون دفعو اهو ئي شخص آيو ۽ هِن ٻيري چيائين: اوهان کي اللّٰه پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ياد فرمائي رهيا آهن. بس اهو ٻڌڻ جي دير هئي ۽ علامہ تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي بدن تي ڏُڪٽي طاري ٿي وئي ۽ پاڻ اُگهاڙي پيرين ئي ديدارِ محبوب جي لاءِ ڊوڙي پيا. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهر کان ٻاهر هڪ وڻ جي هيٺان جلوه فرما هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي ڏسي مسڪرايو ۽ فرمايائون: اسان جي بار بار گهرائڻ باوجود بہ اوهان نہ آيا؟ علامہ تفتازاني

عاجزي سان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي خبر نہ هئي تہ اوهان ياد فرمائي رهيا آهيو؟ اوهان تہ منهنجي ڪند ذهني کي ڄاڻو ٿا، يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي پاڪ بارگاهہ ۾ شفا جو طلبگار آهيان. علامہ تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي فرياد ٻڌي درياءِ رحمت جوش ۾ اچي ويو، نبيءِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجو وات کول! علامہ تفتازانيءِ وات کوليو تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو لُعاب مبارڪ سندن وات ۾ وڌو ۽ انهن جي حق ۾ دعا بہ فرمايائون. بس لُعابِ پاڪ ملڻ جي دير هئي، اهو طالبِ علم جيڪو ڪند ذهن هو، هاڻي عالمِ اسلام جو وڏو عالم ۽ فاضل بڻجي چڪو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن علامہ تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪلاس ۾ آيا تہ پاڻ سبق جي دوران استاد صاحب کان ڪجهہ علمي سوال ڪيائون، انهن جا اهي باريڪ ۽ علمي سوال ٻڌي استاد صاحب قاضي شيرازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اي مسعود! اڄ تون اهو نہ آهين، جيڪو ڪالهہ هئين. ٻڌاءِ! ڇا ماجرا آهي؟ علامہ تفتازاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه استاد کي سمورو واقعو ٻڌايو تہ استاد محترم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي ويون.(1)

مِرے تم خواب میں آؤ، مِرے گھر روشنی ہو گی
مِری قسمت جگا جاؤ، عِنایت یہ بڑی ہو گی (2)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي لُعابِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون، نہ ختم ٿيندڙ برڪتون آهن. ڪاش! ڪڏهن اسان جي بہ قسمت چمڪي پئي، ڪاش! ڪنهن ڏينهن سمهون تہ اسان جي بہ قسمت جاڳي پئي، اهي محبوب آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نوراني چهرو چمڪائيندي، مبارڪ زلفن سان رستا معطر ڪندي خواب ۾ تشريف فرما ٿين، ڪاش! لُعابِ پاڪ بہ عطا فرمائن، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جا سمورا بگڙيل معاملا درست ٿي ويندا.

---

1... حافظہ کیسے مضبوط ہو؟، صفحہ:119-121۔
2... وسائل بخشش، صفحہ:391۔

جلوۂ یار ادھر بھی کوئی پھیرا تیرا

حسرتیں آٹھ پہر تکتی ہیں رستہ تیرا[1]

الله پاڪ اسان تي ڪرم فرمائي، محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نظرِ عنايت فرمائن.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ خوفِ خدا وڌائڻ، قبر ۽ آخرت جي تياريءَ جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلاميءَ جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو** به آهي.

**قرآن مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آهي:** ۞ حديث پاڪ ۾ هن طرح مضمون آهي ته: پنهنجو صبح اهڙي حالت ۾ ڪر جو يا ته تون عالمِ دين هجين يا طالبِ علمِ دين.[2] ۞ هڪ روايت جي مطابق صبح جي وقت قرآن مجيد جي هڪ آيت سکڻ 100 رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[3] اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول فجر جي نماز کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن ۞ جنهن ۾ 3 قرآني آيتون ۞ انهن جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌو ۽ ٻڌايو ويندو آهي ۞ فيضانِ سنت مان درس ٿيندو آهي ۞ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي ۞ دعا ٿيندي آهي ۽ ۞ آخر ۾ اشراق ۽ چاشت جا نوافل به ادا ڪيا ويندا آهن. **توهان به تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت**

---

1... ؟؟؟؟۔

2... دارمی، المقدمۃ، باب فی ذھاب العلم، صفحہ:96، حدیث:254۔

3... ابن ماجہ، باب فضل من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:48، حدیث:219۔

**جي عادت اپنايو!** اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ۞ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪيون سکڻ جي لاءِ ويندو آهي، ان کي عمري جو ثواب ملندو آهي ٿو.[1] ۞ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو تہ برڪت ملندي ۞ سڄو ڏينهن سنو گذرندو ۞ صبح صبح علمِ دين سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو ۞ شجرو شريف پڙهڻ جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو ۞ انهن جي محبت دل ۾ ويهندي ۞ اولياءِ ڪرام جي روحاني توجهہ ملندي ۞ ايمان تازو ٿيندو ۞ انهن جي وسيلي سان گُهريل دعائون اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قبول ٿينديون ۞ هڪ وڏي برڪت هيءُ تہ **نمازِ فجر کان نمازِ اشراق تائين مسجد ۾ رهڻ سنتِ مصطفيٰ آهي**، ان تي عمل ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي ويندي ۞ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو فجر جي نماز کان پوءِ ذڪرُ اللّٰه ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق ۽ چاشت جا نوافل پڙهي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇهندي.[2]

## وِيزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً **14** سالن کان پرڏيهہ ۾ آهي، جتي انهن جو پنهنجو ڪاروبار آهي. هڪ ڀيري ڪين پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن جي ضرورت پئي. هنن ويزائن جي لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪرايون، پر تمام گهڻين ڪوشش جي باوجود بہ ڪين ويزائون نہ ملي سگهيون. ڪيترائي سال ائين گذري ويا، هو تمام گهڻو پريشان هئا ڇاڪاڻ تہ ملازمن جي کوٽِ سبب ڪين نقصان ٿي رهيو هو. خير، هنن همت ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ انهن کي **شجرهءِ قادريہ عطاريہ** مان **شجرهءِ عاليہ** جا دعائيہ اشعار پڙهڻ جو مشورو ڏنو. هنن شجري شريف مان دعائيہ اشعار بِلا ناغہ پڙهڻ شروع ڪيا. اَلحمدُلِلّٰه! **شجرهءِ قادريہ رضويہ**

---

1... مستدرک، کتاب العلم، باب من جاء المسجد...الخ، جلد:1، صفحہ:281، حديث:317۔
2... شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:420، حديث:3957۔

**ضيائيم عطاريم** پڙهڻ جي برڪت سان سندن اهو ڪم جيڪو ڪيترن ئي سالن کان نہ ٿي رهيو هو، حيرت انگيز طور تي چند ڏينهن ۾ ئي ٿي ويو ۽ کين ويزائون ملي ويون.

مُشکِلیں حَل کر شہِ مُشکل کُشا کے واسِطے | کر بَلائیں رَد شہیدِ کربَلا کے واسِطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلامِ اعليٰ حضرت ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلحمدُلِله! **دعوتِ اسلامي** جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن لانچ ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: ***Kalam e ala hazrat*** (ڪلامِ اعليٰ حضرت) ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ امامِ اهلِ سنت، سيدي اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا مشهورِ زمانہ نعتيہ مجموعا **حدائقِ بخشش ۽ نغماتِ رضا** شامل آهن ۞ جن کي حروفِ تهجي جي ترتيب سان شامل ڪيو ويو آهي ۞ پنهنجي مطلوبہ ڪلام کي تلاش (***Search***) ڪرڻ جو آپشن بہ موجود آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل جو سلسلو **نغماتِ رضا** (يعني حدائقِ بخشش جي مخصوص ڪلام) کي بہ شامل ڪيو ويو آهي، جن کي اوهان آسانيءَ سان آڊيو ۽ وڊيو ۾ ٻڌي ۽ ڏسي سگهو ٿا. هيءَ ايپلي ڪيشن پاڻ بہ ڊائونلوڊ ڪريو ۽ پنهنجن پيارن سان شيئر بہ ڪريو ۽ پنهنجي دل کي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت سان منور ڪريو.

## چند ضروري اعلان

هر هفتي امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي بہ مدني چينل تي عشاء کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهل سنت مولانا

محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

شيخ طريقت، اميرِ اهل سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ ”آيت سجده جا فضائل ۽ 60 مسئلا“ نالي رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره استعمال ڪن ٿا، اهي الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب جي لاءِ هي رسالو ٻين کي بہ شيئر (Share) ڪن!

ماهِ ربيع الاول شريف ۽ يوم تحفظِ عقيده ختم نبوت جي سلسلي ۾ مجلس ماهنامہ فيضانِ مدينہ جي طرفان جاري ڪيل خاص شمارو؛ بنام: ”سيرتِ خَاتَمُ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم“. هن شماري ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي نهايت آسان ۽ دل کي لڳندڙ انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هي شمارو رنگين 1100 رپين ۾ جڏهن تہ سادو 550 رپين ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان طلب فرمايو! پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1... مشکوٰة،کتابُ الْاِیمان،بابُ الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175.

# قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي

2 فرمانِ آخري نبي، رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): منهنجي اُمَّت جي اَفْضَل عبادت تلاوتِ قرآن آهي. (1) (2): جيڪو رات جو 200 آيتون تِلاوت ڪري، ان جو نالو عبادت گذارن ۾ لکيو ويندو ۽ جيڪو 400 آيتن جي تِلاوت ڪري، ان جي لاءِ هڪ قِنطار اَجر لکيو ويندو، هڪ قِنطار 120 قيراط جي برابر آهي ۽ هڪ قيراط اُحُد جبل جيترو آهي-(2)

اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي- اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا ❁ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: ڪا شيء پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تِلاوت کان نہ روڪيندي هئي ❁ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پُوري سورت بقره ۽ سُورَت آلِ عمران جي تلاوت ڪندا هئا ❁ روزانو رات جو سُورت سجده، سُورت ملڪ، سورت بني اسرائيل، سورت زمر، سُورَت ڪافرون، سُورت فلق ۽ سُورت ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا-

اللّٰه پاڪ اسان کي بہ خوب تِلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي-

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

مختلف سُنّتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي بهارِ شريعت جلد:3 مان حِصّو 16 ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سُنّتون ۽ آداب خريد فرمايو ۽ پڙهو. سُنّتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن ڀريو سفر بہ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو

1... شُعَبُ الْاِيْمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحہ:347، حديث:2004 ـ
2 ... شُعَبُ الْاِيْمَان، جلد:2، صفحہ:401، حديث:2197ملتقطًا۔

گر مدینے کا غم چاہیئے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(2)

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1... وسائل بخشش، صفحہ:669۔
2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151 ملخصًا

جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانى، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
4 ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455